# سنڌوءَ جو روپ

"ڇا ٿيو آهي توکي دولت ماءُ؟" شامداس اخبار مان منهن هٽائي چيو.

"ڇا وري ڇا ٿيو اٿم، ڏاڍي مٺي ۽ ٻيٺي آهيان."

"پوءِ صبوح کان وٺي هيءَ پاسڻ جي نڪاڻوکي، پاڻ کي ڇڙپون ۽ مائيءَ تي وٺ، پلا ڇا لاءِ وڌي اٿيئي؟"

"جيئن ٿو اڇيو ليئن ٿا ڳالهايو. اڃا تہ پراڻو رت ڳهر ۾ اڇٽو آهي. توهين ٿي اٿين ڳالهائيندا، تہ هوءَ جا ٿلهو ڇٽو وڃي گهٽو ايندي، سا تہ نرگهٽ پٽيندم."

"ڪهڙي ڇوڪري پسند ڪري آئي آهين؟ مون سان تہ ڳالهہ بہ ڪانہ ڪئي اٿيئي." شامداس ذرا تيز ٿي چيو.

"پسندي اسانجي ٿوري ٿي هلندي...؟ چوندي دولت ماءُ ديگڙو اهڙو تہ زور سان چلهہ تي رکيو جو ان ۾ پيل دال ڪجهہ هارجي پيئي. هاڻي تہ دولت ماءُ جي ڪاوڙ جو پارو وڌيڪ چڙهي ويو. ديگڙو چلهہ تان لاهي هيٺ سٽي، اسٽوپ ٿي وسائي اچي پٽيءَ جي پاسي ۾ ڪٽ تي ويٺي. شامداس اخبار پاسيري رکي،

ٻيڙي دڪاني چڪر لڳو ۽ دولت ماءُ جي ڳالهه ۾ ڌيان
سان ٻڌندو رهيو. دولت ماءُ رئي جي ڪنڊ سان، نرڙ
۽ ڳچيءَ تان پگهر اگهي، اکيون ڦوٽاري چيو، "مان
جڻ ٻهڪي ڀاڄائيءَ ڪي ڪاڻ سڃاڻان. دولت ڪي
اهڙي ٻولٽي ٻڌائي اٿس، جو هاڻي چوي ٿو،
ڀاڄائي جي پاڻهي ڏسندو. ڇوڪري ڪاري سانوري،
ماڻيت ڪيا ڪاٽا، هوڏانهن ساڌورام جي نياڻي ڏهن
هزارن سوڊي ٿي ملي، تنهن جو ڏس ۾ نٿو وٺيس."

شامداس ٻيڙيءَ مان ڦوڪ ڀري ڪنڌ ڌوڻي چيو،
"ڳالهه ته ٺري آهي، پر جتي ڇوڪري جي دل چوي
اتي ڪٽي ڪجيس."

"مان ٿي چوان، توهانکي ڇا ويو آهي؟ ڪو
هڪڙو ٻٽ ته ڪين آڻو؟ جي هڪڙي جي سڪٽي
ٻاڻهن وڻيسين ته ٻين لاءِ ٻه ٽوٽيو ملندو؟ چوندي
دولت ماءُ رئو ٺاهي صندل تان اٿي کڙي ٿي.

شامداس زال کي رئي کان ڇڪي وري وهڻ جو
اشارو ڏيندي چيو، "تون ته ڳالهه ڏي ڳالهه وٺ. پڻهن
هيل سوڊو بمبئيءَ جون اڻ ڇوڪريون ته ڏسي چڪو
آهي. پسند ته هڪ ۾ ڪاڻ آئي اٿس. پوءِ اٿين چو
ٿي سمجهين ته هيءَ ڪنهن جي ڇوڪري پسند
ايندس! ٿي سگهي ٿو اها ۾ پسند ته اچيس."

دولت ماءُ هاڻي سامت جو ساهه ڪنيو. رئي سان
منهن اگهي چيائين، "الاجي ڪهڙو قدرت جو چڪر

ڦرندو. هميشه مان ٿي زور ڪري ڇوڪرن ڏيکاريندي آهيانس، هن پيري پاڻ آئو ڪيو اٿس. مونکي ته ڪٿي ٿي ڪٽي جو ڪلهه ماميس وٽ ونـي وڃي ساڻس. مامي کي ٿو چوي؛ اما مٺو ڪاٺي وڃي آهي؛ تـون ٿي ڪا سٺي پڙهيل ننڍهن ڳولهي ڏيندس. بس ڇوڪري جو اهو چوڻ ته ماميس، ماڻس، مارونس سڀ اچـي ڇڙيا. چي: شو پا ونيج دولي، شو پا."

شامداس جـون اکيون چمڪي اٿيون. چيائين، "پوءِ ڇوڪري به اهـڙي سٺي هوندي نه، جـو سڄي گهر تي هن لاءِ اهڙو اثر وڌل آهي. وڃي اڄ ٿي پٽ کي ڏيکاري اڄ. ڪٿمپ جو ڪٿمپ به ٿي."

رات جو جڏهن ماڻ پٽ ڇوڪري ڏسي موٽيا تڏهن شامداس ڏٺو، دولت ماڻ جي شڪل ڏاڍي لٿل هئي. رڳو دولت اڄ هونءَ جي اُٿڙ بلڪل خوش پئي لڳو. پارن ڪان ٻال ڦري پيت ساڻ هٿي جهٽڻ لـڳو تـه شامداس چيو، "پاڻيان تو اڄ دولت ماڻ جون مرادون پڌيون آهن."

دولت ماڻ ناراضپي سان چيو، "جن اهـڙا ڪرم ڪيا هجن تنجون مرادون پڄن. مسين مسين ڇوڪري پسند ڪئي اٿس، سا به سانوري؛ بس ٻابا چوندينهدي ٿي چور..."

"ته شايد ڏيتي ليتي به ڪونه ڏيندا؟"

دولت ٻال جهٽيندي چيو، "پل نه ڏين."

"ڀل نه ڏين." دولت ڀاءُ غصي مان چيو "ڇڻ
ڏيندا نه ماڻهن پنهنجي پونگيءَ ۾ لڪائي رکندي!
ڇڻ مينهن ڏاڙهي نه نيڻهن ڪهندي ٿي ڪاڻ."

"سمجهه ڪٿي لڌهنجو پٽ ڀڄڻ لاءِ وڪامڻ نٿو
چاهي. لڌهنڪان سواءِ ماميءَ نه چيو: "ڪاليج پڙهيل
آهي، ڪٿي نوڪري ڪندي، ڀيو ڇا." دولت ڀڻي
ڪمري ڏانهن وڃڻ لڳو نه پٺهس چيو، "ڀڏ نه."

دولت موٽي آيو. شامداس سمجهاڻيءَ جي نوع ۾
چيو، "اها ته ڳالهه سچي. اسانجا ٿي ٻار ڏسا
ٽيوشن وٺن، مهني سر اهي نه اچي پوندا."

"اوجهو لوهانڪي لڳي ڀڄڻ جي. اول ڀڏو نه
سهڻي نه ڇوڪري ڪهڙي آفت آهي. ڇوڪري و ڀڻي
نه ماميس ٿي چوي: دولت، ڇوڪري خود لوڪي
پسند ڪرڻ آئي هئي.

"اٺين!" شامداس ڳل لي هٿ رکي ڏابي و ڇار
۾ ڀڄي ويو. ڀر اليٺي ڪجهه سوچي چيائين، "ڀوءِ
چاهي اڳي ڪين راجڪمارن کي ڀنٽي ڳولڻ جو حق
هوندو هو. اها ته ڀاڻ اسان جي ويدن شاسترن جي
نيتي ٿي."

"اٺين ڀيءُ ڀٽ ڀاڻم صلحي آهيو. مان آهيان جو
اجايو وڻي ڀاڪي ڏنو ڪريان."

شادي ٻڪي ٿي. ڪمو آيو. ٽول شيون اچڻ
لڳيون، سپ گلاب جي گلن سان سينگاريل. ماءُ ڏند

ڌڪو کيو ته دل ۾ ڪجهه ڇمڪو پيس. پر شاديءَ ۾ جو ان سونن چوڙين، گلي جي مالها ۽ ٽورين ڏيسي ريشم جي ساڙهين کان وڌيڪ ڇوڪري ڪجهه ڪين ڪٺي آئي، سو دولت ماءُ ڏنهن خلاف اُٿي جنگ، جو جهيڙو بلند ڪري ڇڏيو.

شاديءَ جي ٻئي صبح جو شويا سس کي پيري پيئي. سس اهڙي چوه مان "ڇيت" چئي جو شويا هڪ پيرو سس جي منهن ۾ ڏسڻ لاءِ مجبور ٿي وئي ۽ ٻئي ڪمري ڏانهن ورندي ورندي ٻڌائين ته سسٽس شامداس کي چئي رهي هئي، "ٻهرئين ٿي ڏينهن اکيون ڪيئي ڪاڻ ٿي اچي، اڳتي هلي ته الاجي ڪهڙا رنگ ڪيندي."

شامداس زال جون نڪهن ونڻ لاءِ سڪون ايتري ۾ ٽوڙاون ٿيندو ڏسي، ڪٽنيءَ ۾ پهچي ويو. گهر جي تباهيءَ جو ڪڪر سندس اکين اڳيان ڦرڻ لڳو. مگر ٽورن ڏينهن اندر ئي ٻاڙي اوڙي ۾ شويا جي سگهڙائا جي هاڪ پهچي وئي. شويا ته سارو وقت نڻان کي چولڻون پيئي ڪندي هئي ۽ ڏيرن کي پيئي پڙهائيندي هئي. جيڏي مهل ڏس تيڏي مهل سڀو لشڪر چرڻاري مڙو ويٺو هوندو هوس. سس کي ڪم ڪندو ڏسندي هئي ته ميڙاڪي کي اهڙو ڪو منتر هڻندي هئي جو هرڪو پهنجي پهنجي ڪتاب ۾ منهن وجهي ويهي وهندو هو يا

ڪيس ڪم ۾ همت وجهائڻ لاءِ هليو ايندو هو.

ڳالهين ڪندي ڇهہ مهنا گذري ويا، پر دولت ماءُ ٻنهيجو جهنبو ڪين جهڪايو. شامداس نہ شويا جي سگهڙتائن ٻلهار ٿي ويو. هڪڙي ڏينهن منجهند جو شامداس ڏيءُ کي چيو، "اڄ ٻيت نسون روئي وئي ڏي، ياڇنهن ماڻهين سان گڏ وڃي ٿي ڪائي." سس ڀورن نہ چڙڪ ڀرايو، پر ننهن کي ٻاڻ ڏانهن نهاري منڙو مرڪندو ڏنائين نہ وسهيءَ ۾ ٻڌجي ويئي. ڪائڻ ويٺيون نہ، ننهن کيس زور ڪري کي شيون ڪاراڻڻ لڳي. سس ان ٿي چيو، "سهرنهن کاڏي لاءِ زور ڪري ٿڪم، هاڻي تون ٿي ڪرايان؟"

شامداس طعني جو جواب ڪونہ ڏنو. جڏهن ڳالهہ چوڻ لاءِ ڪدوار کي اڳيان کاراڻڻ لاءِ وهاريو هٿائين، اڃا انتي ٿي سوچي رهيو هو. آخر چيائين، "ڪدوار! ٻارن جي مرضي آهي نہ کانوبت ڇڏي سنڌي اسڪول ۾ وهن. تنهنجو ڇا خيال آهي؟"

سس کي شويا جو، سهري اڳيان منهن کولي هلڻ نہ ڪين وڻيو هو، باقي جو سهرو ننهن هن طرح هڪ ٻئي سان صلاح ڪرڻ وڃنا تہ سندس اکيون ٽانڊا ٿي ويئون. چيائين، "سنڌي اسڪول جي نہ هن ٿي ميچ ڏني هوندن..."

"ڇو ٻئون ور ور ڪري ڪونہ چيو ائن." شامداس ننهن جو طرف ڪنيو.

”توهان نه ٻيڙي سير لاءِ چاڙهي ڇڏي آهي نه.“

شوڀا راڻي جو ڀاءُ ناهيندي چيو، ”امي مون کين سچ نه ڪانه ڪا ڏني آهي. باقي منهنجا سنڌي سنگت، آڪاٽيون ۽ ٽرنڪا پڙي سنڌيءَ لاءِ حرص ضرور جاڳيو اٿن. ڪيترن وقتن لاءِ هوءَ، سنڌي نه جاڻڻ ڪري ڏاڍا اٻالا لڳندا آهن. ويچارا پنهنجي ٻوليءَ ۾ توهان سان انگل آرا نه ڪري سگهن. سنڌو نگر ۾ رهي سنڌي اخبارون، سنڌي ڪتاب نه پڙهي سگهن...“

”ڇهڪري؟“ دولت ماءُ هڏيءَ مان چيو، ”انگريزي نه سکن!“

شوڀا ڏاڍي تحمل سان ورائيو، ”اسين پنهنجي پنهنجي ٻولي سکون ۽ ٻيءَ ٻيون ٻوليون سکون. ٻار جيڪو ڪجهه ماڻري ٻاشا ۾ سکي ۽ سمجهي سگهندو سو ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ٿورو ئي سمجهي سگهندو؟“

”سيڪي ورهه“ دولت ماءُ موڙو ڏنو. ”سنڌ ئي هلي ويئي؛ هاڻي سنڌي ڇا ڪجي.“ چوندي دولت ماءُ اداس ٿي ويئي.

شوڀا چيو، ”امي، هتي نه پاڻ سنڌي قائم ڪرڻ وڏيڪ ضروري آهي. سڀ سنڌي انهيءَ هڪ ئي ڌاڳي ۾ ته مالها جي مڻڪن وانگر پوتل آهيون.“

شامداس چيو، ”ڪڏوار، هنڪي ڇڏ. هيءَ ٿنهنجي ڳالهه ڪانه سمجهندي. ٻهران ٽاريخ ٿي ٿنهي ٻارن کي سنڌي اسڪول ۾ وهاري اچج.“

شوڀا اٿي هٿ ڌوئڻ هلي ويئي. دولت ماءُ چو

غصو نرڙ ۾ گهڻيج اٿڻي اينو وهيو.

شامداس کـي پنهنجي پٽنيءَ جي روش ڪري ڏاڍو ڏک رسيو. واقعي جو شامداس کي ننڊ ۾ سمهيل سمجهي، شوپا سس جي ننگن کي زور ڏيندي چيو، ”امي، مان ڏاڍي پاڳن واري آهيان جو توهين جهڙي موڻکي ڏيءَ جيان ٿا پاليو. بابا به مونسان ائين ويهي صلاح مصلحت ڪري چئي ته مان هن گهر ۾ ئي پيدا ئي آهيان.“

سس لڏهن ان ڪو جواب ڪين ڏنو. اهو ڏسي شامداس جو ڏک اجا به وڌي ويو. ٻئين صبح جو جڏهن مهل ڪڪين ۽ شوپا جا مٿي سر ۾ شاهه سچل ۽ سامي جا بيت پڙهائين، تڏهن ته سندس من وياڪل ٿي اٿيو. ڳال جي ڪٿ ڏانهن نهاري ٿڌو ساهه کڻي من ۾ چيائين، ”دولت مائي، ڪاش! ٿنهنجي سڪل من ۾ به هن نئين وارو معدل جي ساوڪ لڳي سگهي.“

ٻهران تاريخ آئي ته شوپا ننهي ٻارن کي سنڌي اسڪول ۾ وهاري آئي. شامداس ته ڪانوينٽ جي فين جيترا پئسا ڏنا هئا، مگر سنڌي اسڪول جي فيءَ پورڻ کانپوءِ گهٽيڻي پئسا اچي پيا. شوپا اهي سڀ آٽي سس جي ڳريءَ ۾ رکيا. هيٺرن مهڻن ۾ ٻهريون ٿـي ٻيرو سس وڏي شاهي مرڪ کڻي نڌهن ڏانهن نهاريو.

هڪ ڏينهن سنڌيا جو ٻار اچي دولت کي لڳا. چي: تون ٻاجو وچاء ته اسين توکي توان واڳـ ٿا

